# اچو...!!
# پلائي جي طرف

**27 February-2025**

هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو
سنتن ڀريو بيان

(For Islamic Brothers)

27 فيبروري 2025ع (بمطابق: 28 شعبان المعظم 1446ھ)

تي پاڪستان جي هفتيوار اجتماع ۾ ٿيڻ وارو بيان

# اچو...!! پلائي جي طرف

هن بيان ۾ اوهان ڄاڻي سگھندؤ...

✿... رمضان شريف ۾ گناھ جو وَبال

✿... پسنديدھ عمل ڪھڙو...؟

✿... رمضان شريف جون 5 خصوصي عبادتون

✿... رمضان شريف ۾ ڪثرت سان تلاوت ڪرڻ وارا

پيشڪش

اَلْمَدِيْنَةُ الْعِلْمِيہ (اسلامڪ ريسرچ سينٽر)

(شعبہ بياناتِ دعوتِ اسلامي)

ترجمو: ٽرانسليشن ڊيپارٽمنٽ (دعوت اسلامي)

***For Feedback***: +92315 2692786

اَلْحَمْدُ لِلّٰہِ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ وَالصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ عَلٰی خَاتَمِ النَّبِیّٖن ط

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰہِ مِنَ الشَّیْطٰنِ الرَّجِیْمِ ط بِسْمِ اللّٰہِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ ط

اَلصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ عَلَیْكَ یَا رَسُوْلَ اللہ — وَعَلٰی اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ یَا حَبِیْبَ اللہ

اَلصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ عَلَیْكَ یَا نَبِیَّ اللہ — وَعَلٰی اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ یَا نُوْرَ اللہ

نَوَیْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِکَافِ (ترجمو: مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

# دُرود شريف جي فضيلت

**اربعين عطار، قسط: 2، صفحو: 31، حديث پاڪ نمبر 31 آهي**

فرمانِ مصطفیٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم:

"مَنْ صَلّٰی عَلَیَّ فِیْ کِتَابٍ کَتَبَ اللہُ لَہٗ عَلٰی مَرِّ الْاَیَّامِ فَضْلَ الصَّلَاۃِ"

ترجمو: جنهن ڪتاب ۾ مون تي درود پاڪ لکيو، الله پاڪ ان جي لاءِ گذريل ڏينهن جي برابر درود پاڪ لکندو. (1)

يا نبی! تم پہ بار بار سلام — بے عدد اور بے شُمار سلام

روزِ اوّل سے لے کے تابہ ابد — آپ پر روز سو ہزار سلام

یہ بھی تھوڑا ہے آپ کی خاطر — بھیجئے گر کروڑ بار سلام

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد

(1)... المجالس الوعظية للسفيري،جلد: 1، صفحہ:79۔

# بيان ٻڌڻ جون نيّتون

حديثِ پاڪ ۾ آهي: اِنَّمَا الْاَعْمَالُ بِالنِّيَّات عملن جو دارو مدار نيتن تي آهي-[1]

اي عاشقانِ رسول! سٺي نيت جنَّت ۾ داخِل ڪرائيندي آهي- اچو! بيان ٻڌڻ کان پهريان سٺيون سٺيون نيتون ڪري وٺون ٿا! مان نيتون ڪرايان ٿو، اوهان دل ۾ ارادو ڏسو تہ اِنْ شَآءَاللّٰهُ الْکَرِيْم! چئي ڪري ان جو اظهار ڪيو: ❁ عِلمِ دين سکڻ جي لاءِ سجو بيان ٻڌندس ❁ اَدَب سان ويهندس ❁ بيان جا اهم نڪتا لکندس ❁ جيڪو ٻُڌندس، گهر وارن کي، ٻارن کي، دوستن احبابن کي ٻڌائي ڪري علمِ دين پکيڙڻ جو ثواب ڪمائيندس.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

# مرحبا...!! پيهر رمضان اچڻ وارو آهي

پيارا سلامي ڀائرو! رمضان شريف اچي رهيو آهي. سُبْحٰنَ الله! ماهِ رحمٰن اچي رهيو آهي، ها! ها! خوش ٿي وڃو! ماهِ غفران (يعني مغفرت وارو مهينو) اچي رهيو آهي .....!!

مرحبا! صَد مرحبا! پھر آمدِ رمضان ہے | کِھل اُٹھے مرجھائے دِل تازہ ہوا ایمان ہے
یاخُدا! ہم عاصیوں پر یہ بڑا احسان ہے | زندگی میں پھر عطا ہم کو کیا رمضان ہے[2]

بس ڪجھ ڏينهن کان پوءِ اِنْ شَآءَاللّٰهُ الْکَرِيْم! ۞ شيطان کي قيد ڪيو ويندو ۞ جنت جا دروازا کوليا ويندا ۞ نيڪ عملن جو قدر ۽ قيمت وڌائي ويندي، نفل جو ثواب فرض جي برابر ۽ فرض جو ثواب 70 ڀيرا وڌايو ويندو ۞ بخشش جون سَنَدون ورهائجڻ لڳنديون ۞ اِنْ شَآءَاللّٰهُ الْکَرِيْم! روزانو لکين گنهگارن جي بخشش ڪئي ويندي.

---

1... بخاری، کتَاب بَدءُ الْوَحی، صفحہ:65، حدیث:1۔
2... وسائلِ بخشش، صفحہ:705۔

ابرِ رحمت چھا گیا ہے اور سماں ہے نُور نُور | فضلِ رَبّ سے مغفرت کا ہو گیا سامان ہے
ہر گھڑی رحمت بھری ہے، ہر طرف ہیں برکتیں | ماہِ رمضاں رحمتوں اور برکتوں کی کان ہے (1)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## 5 خصوصي ڪَرم

حضرت جابر بن عبدالله رَضِیَ اللہُ عَنْہما کان روايت آهي: الله پاڪ جي سيني کان آخري نبي، محمد عربي صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: منهنجي امّت کي رمضان شريف ۾ پنج شيون اهڙيون عطا ڪيون ويون آهن، جيڪي مون کان پهريان ڪنهن به نبي عَلَیْہِ السَّلَام کي نه مليون آهن: (1) جڏهن رمضان شريف جي پهرين رات ايندي آهي ته الله پاڪ انهن جي طرف رحمت جي نظر فرمائيندو آهي ۽ جنهن تي الله پاڪ رحمت جي نگاهه فرمائي، ان کي ڪڏهن به عذاب نه ڏيندو. (2) شام جي وقت انهن جي وات جي بوءِ (جيڪا بک جي ڪري ٿيندي آهي) الله پاڪ وٽ مشڪ جي خوشبو کان به بهتر آهي. (3) فرشتا هر رات ۽ ڏينهن انهن لاءِ مغفرت جون دعائون ڪندا رهندا آهن. (4) الله پاڪ جنت کي حڪم فرمائيندو آهي ته منهنجي (نيڪ) ٻانهن لاءِ سينگارجي وڃ، جلد ئي اهي دنيا جي تڪليف کان، منهنجي گهر ۽ منهنجي ڪرم ۾ آرام ماڻيندا. (5) جڏهن رمضان شريف جي آخري رات ايندي آهي ته الله پاڪ سيني جي بخشش فرمائيندو آهي، قوم مان هڪ شخص اٿي عرض ڪيو: يارسولَ الله صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم! ڇا اها لَیْلَۃُ الْقَدْر آهي؟ ارشاد فرمايائون: نه، ڇا تون نه ٿو ڄاڻين ته جڏهن مزدور پنهنجن ڪمن کان فارغ ٿيندا آهن ته انهن کي اجرت ڏني ويندي آهي-[2]

عاصیوں کی مغفرت کا لے کر آیا ہے پیام | جُھوم جاؤ مجرمو رَمَضاں مہِ غُفران ہے
دو جہاں کی نعمتیں ملتی ہیں روزہ دار کو | جو نہیں رکھتا ہے روزہ وہ بڑا نادان ہے [3]

---

[1]...وسائلِ بخشش، صفحہ:705۔

[2]...شعب الايمان، باب فی الصيام، فضائل شہر رمضان، جلد:3، صفحہ:303، حديث:3603۔

[3]...وسائلِ بخشش، صفحہ:706 ملتقطاً۔

# قيمتي لباس جو غلط استعمال

هڪ تمام خوبصورت ۽ عبرت ۽ نصيحت سان ڀرپور واقعو ٻڌو! ٽين صدي هجري، يعني خلافتِ بنو عباس جي دور جي ڳالهه آهي. هڪ ڀيري وقت جي خليفي صوبائي گورنرن جي شاندار دعوت رکي، جنهن جو مقصد گورنرن کي سندن اعليٰ ڪارڪردگي جي بنياد تي انعام ڏيڻ هو. ان وقت دارالخلافه (گاديءَ جو هنڌ Capital) بغداد شريف هو، جيئن ته صوبائي گورنر وڏي شان شوڪت سان بغداد پهتا. وقت جي خليفي انهن گورنرن کي تمام قيمتي لباس عطا ڪيا ۽ گورنر اهو ئي قيمتي لباس پائي دعوت ۾ شريڪ ٿيا. وقت جو خليفو به موجود هو، وزير، مشير ۽ وڏا وڏا گورنر به هئا، دعوت جا مزا ورتا پئي ويا، ان دوران اوچتو هڪ گورنر کي زور دار ڇِڪ آئي ۽ ساڳي وقت نڪ مان سِنگهه به نڪري آئي.

وقت جي خليفي جي موجودگي ۾ اهڙو معاملو...!! ويچاري گورنر کي تمام گهڻي شرمندگي محسوس ٿي، وڏيڪ مشڪل اها ٿي جو ان وقت وٽس ڪو ڪپڙو يا رومال وغيره به نه هو، تنهنڪري هن هڪ پاسي ٿي ڪري پاتل قيمتي لباس سان نڪ صاف ڪري ورتو. هن ويچاري جي قسمت خراب، جو عين ان وقت خليفي جون نظرون مٿس هيون، خليفي جڏهن ڏٺو ته منهنجي ڏنل قيمتي لباس سان نڪ صاف ڪيو پيو وڃي ته ڪيس ڏاڍي ڪاوڙ آئي، خليفي سيني جي سامهون انهيءَ گورنر کي دڙڪا ڏنا ۽ ڪيس دعوت مان ڪڍي ڇڏيو. سڄي محفل جو ماحول بدلجي ويو، مزو خراب ٿي ويو. وزيرِ مملڪت جلديءَ مان محفل ختم ڪرائي ۽ خليفي کي خوش ڪرڻ ۾ لڳي ويو.

ان دعوت ۾ علائقي نهاوند جو گورنر ابوبڪر به موجود هو. عام طور تي جڏهن اهڙو معاملو ٿي وڃي ته غيبتن جو سلسلو شروع ٿي ويندو آهي، ماڻهو گهڻ وڌ ڳالهائيندا آهن، ڪاوڙ جو اظهار ڪندا آهن، جنهن شخص ڪان اهڙي حرڪت سرزد ٿئي ان جي غيبت ڪرڻ لڳندا آهن، پر گورنر ابوبڪر ائين نه ڪيو، هي ان واقعي کي ڏسي ڪنهن ٻي سوچ ۾ گم ٿي ويو. خير! محفل ختم ٿي، جڏهن خليفي جي ڪاوڙ ڪجهه گهٽ ٿي ته گورنر ابوبڪر خليفي وٽ ويو ۽ پنهنجي گورنري تان استعفا پيش ڪئي. خليفي ڪاوڙ مان پڇيو: هاڻي ان جو ڇا مطلب آهي؟ گورنر ابوبڪر وراڻيو: خليفا حضرت...!! هيءُ هڪ قيمتي لباس

هو، جيڪو هڪ انسان ٻئي انسان کي ڏنو هو، جڏهن انهيءَ قيمتي لباس جو غلط استعمال ڪيو ويو تہ هڪ انسان ٻئي انسان کي محفل مان ڌِڪاري ڇڏيو، سوچيو تہ الله پاڪ جيڪو سڄي جهان جو خالق ۽ مالڪ آهي، ان مون کي انسانيت جو قيمتي لباس عطا ڪري اشرف المخلوقات (يعني تمام مخلوقات ۾ وڌيڪ عزت وارو) بڻايو آهي. جيڪڏهن مان ان لباس جو غلط استعمال ڪيان، صرف دنيا جي پويان ڊوڙندو رهان ۽ ان جي سزا ۾ الله پاڪ مون کي پنهنجي بارگاهہ مان ڪڍي ڇڏيو تہ پوءِ مان ڇا ڪندس ...!!؟ تنهنڪري مان گورنري ڇڏي الله پاڪ جي عبادت ۾ مصروف ٿيڻ چاهيان ٿو.

اهو چئي گورنر ابوبڪر محل مان نڪري آيا، حضرت جنيد بغدادي رَحمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جي خدمت ۾ حاضر ٿيا ۽ توبهہ ڪري عبادت ۽ رياضت ۾ مشغول ٿي ويا. بعد ۾ اهي ئي گورنر حضرت ابوبڪر شبلي رَحمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جي نالي سان مشهور ٿيا-[1]

حضرت ابوبڪر شبلي رَحمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه تمام وڏا وليُ الله هئا، پاڻ سلسلہ عاليہ قادريہ رضويہ عطاريہ جا 12 نمبر تي شيخ طريقت آهن.

بهرِ شِبلی شیرِ حق دُنیا کے کُتّوں سے بچا | ایک کا رکھ عَبدِ واحِد بے ریا کے واسطے[2]

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

## پنهنجي قيمت سڃاڻو!

پيارا اسلامي ڀائرو! واقعي هيءَ ڪيڏي نہ نصيحت ڀري ڳالهہ آهي، هڪ بادشاهہ جي ڏنل لباس جو غلط استعمال ڪيو ويو تہ بادشاهہ کي سئو نہ لڳو، بادشاهہ گورنر کي دڙڪا ڏئي محفل مان ڪڍي ڇڏيو، تہ پوءِ غور ڪيو! اسان کي تہ الله پاڪ، ٻنهي جهانن جي خالق ۽ مالڪ انسانيت جو لباس پارايو آهي، اسان کي اشرف المخلوقات بڻايو آهي، اسان جي ڏاڏي حضرت آدم عَلَيْهِ السَّلَام کي فرشتن کان سجدو ڪرايو آهي.

هي ڪيڏو وڏو ڪرم آهي...!! اهو قدرتن وارو ربّ، چاهي ها تہ اسان کي ڪو جانور بڻائي ڇڏي ها، مڇي بڻائي درياءَ ۾ اڇلائي ڇڏي ها، مَکِ يا ڪو مڇر بڻائي

[1]...تذكرة الاوليا، جلد:2، صفحہ:136 مفصلاً۔

[2]...حدائقِ بخشش، صفحہ:148۔

ڇڏي ها، ڪهڙي شيءِ ان جي قدرت کان ٻاهر هئي، پر ان رحمٰن ۽ رحيم ربّ ڪيڏي نہ وڏي مهرباني فرمائي، جو اسان کي انسان يعني اشرف المخلوقات بڻايو. هاڻي سوچيو! جيڪڏهن اسان هن شرفِ انسانيت جو غلط استعمال ڪيو، جنهن مقصد لاءِ اسان کي پيدا ڪيو ويو آهي ۽ دنيا ۾ موڪليو ويو آهي، اسان اهو مقصد پورو نہ ڪيو ۽ خدانخواستہ جيڪڏهن الله پاڪ ناراض ٿي ويو تہ پوءِ اسان جو ڇا ٿيندو...؟ مشهور صوفي بزرگ مولانا روم رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: اي انسان! الله پاڪ تنهنجي وڏي قيمت مقرر ڪئي آهي، ارشاد ٿئي ٿو:

اِنَّ اللّٰهَ اشۡتَرٰی مِنَ الۡمُؤۡمِنِیۡنَ اَنۡفُسَهُمۡ وَ اَمۡوَالَهُمۡ بِاَنَّ لَهُمُ الۡجَنَّةَ ؕ

(پاره:11، سورۃ توبه:111)

ترجموڪنزالعرفان: بيشڪ الله مسلمانن کان انهن جون جانيون ۽ انهن جا مال هن بدلي ۾ خريدي ورتا تہ انهن لاءِ جنت آهي.

ڏسو! الله پاڪ توهان کي، توهان جي وقت، توهان جي جان، توهان جي مال ۽ ڪاروبار کي خريد ڪري ڇڏيو آهي، تہ جيئن اُهي شيون ان جي راهہ ۾ خرچ ڪيو، تہ توهان لاءِ هميشہ رهڻ واري جنت آهي. الله پاڪ وٽ توهان جي ايڏي وڏي قيمت آهي، جيڪڏهن پاڻ کي دوزخ جي بدلي وڪڻو، تہ پوءِ پاڻ تي ظلم ڪرڻ وارا آهيو.[1]

فرشتوں سے بہتر ہے انسان بننا
مگر اس میں لگتی ہے محنت زیادہ

سُبۡحٰنَ الله! پيارا اسلامي ڀائرو! هيءَ آهي انسان جي اصل قيمت...!! الله پاڪ اسان جي قيمت جنت مقرر ڪئي آهي ۞ اها جنت، جنهن جو صرف هڪ موتي سڄي دنيا ۽ جيڪو ڪجهہ دنيا ۾ آهي، ان کان وڌيڪ قيمتي ۽ بهتر آهي ۞ اها جنت، جتي عيش ئي عيش آهي ۞ اها جنت، جتي نعمتون ئي نعمتون آهن ۞ اها جنت، جتي وڏا وڏا محل آهن ۞ اها جنت، جتي الله پاڪ جي رحمتن جو نزول آهي ۞ بلڪ اها جنت، جتي الله پاڪ جو ديدار نصيب ٿيندو. ايتري عظمتن واري جنت اسان لاءِ تيار ڪئي وئي آهي، هاڻي جيڪڏهن اسان انهيءَ جنت جي

1...فِيۡهِ مَافِيۡهِ، صفحہ:8۔

مقابلي ۾ دنيا جي ڏنڌن ۾ لڳي وڃون، جنت ۾ وٺي وڃڻ وارا ڪم ڇڏي، رڳو دنيا ڳاهڻ، دنيا ڪمائڻ، هتان جي عزت ۽ فاني شهرت جي پويان ئي لڳي وڃون، ته ٻڌايو! ڇا اسان پنهنجي اشرفُ المخلوقات هئڻ جو صحيح استعمال ڪيو؟ نه ڪيو.

## ڳُڙ ۽ چانديءَ جي مُنڊي

هڪ بزرگ رَحۡمَةُ اللّٰہِ عَلَیۡہ فرمائن ٿا: مان ننڍو ٻار هئس، تڏهن ايتري سمجھ نه هئي- هڪ دفعي والد صاحب مون کي چانديءَ جي منڊي وٺي ڏني- مان اها منڊي آڱر ۾ پاتي ۽ ٻاهر نڪري ويس- مون کي هڪ ٺڳ، يعني ڌوکيباز شخص مليو. هن وٽ ڳُڙ هيو- هن ڇا ڪيو؟ جو ٿورو ڳُڙ منهنجي زبان تي لڳايو، مون چکيو ته مٺو لڳو، هاڻي هن چيو: پنهنجي هيءَ منڊي زبان تي لڳاءِ! مون منڊي زبان تي لڳائي، ظاهر آهي ان جو ته ڪو ذائقو ئي نه هو- هاڻي اهو ٺڳ چوڻ لڳو: ڏس، پُٽَ! مون وٽ جيڪا شيءِ آهي، اها تمام مزيدار آهي ۽ تو وٽ جيڪا آهي، ان جو ته ڪو ذائقو ئي ناهي، تنهنڪري تون پنهنجي اِها منڊي مون کي ڏئي ڇڏ ! ۽ هي مزيدار ڳُڙ مون کان وٺي ڇڏ! ائين ان ٺڳ مون کي ورغلايو ۽ ڳُڙَ جي بدلي منڊي وٺي هليو ويو.(1)

پيارا اسلامي ڀائرو! هي اسان کي سمجھائڻ لاءِ واقعو بيان ڪيو ويو آهي...!! اسان سان به شيطان ايئن ئي ڪندو آهي- اسان هينئر دنيا ۾ آهيون، تنهنڪري آخرت جو ذائقو ۽ اُتان جي نعمتن جو قدر ۽ قيمت اسان کي معلوم نه آهي. دنيا جيئن ته سامهون آهي تنهنڪري اسان کي تمام سٺي لڳي رهي آهي شيطان اسان کي دنيا ۾ لڳائي آخرت کان محروم ڪري ڇڏيندو آهي ۞ **رمضان شريف** اچي رهيو آهي، هاڻي شيطان اسان کي دنياداري ۾ لڳائيندو ۞ **رمضان شريف** ئي ته ڪمائي جي موسم آهي، هاڻي به نه ڪمايو ته ڪڏهن ڪمائينداسين؟ ۞ عيد اچي رهي آهي، عيد جا خرچ به ته پورا ڪرڻا آهن ۞ نماز ته پڙهندو ئي آهيان، الله پاڪ بس اها ئي قبول فرمائي، اهڙيون ڳالهيون سيکاري شيطان اسان کي نيڪين کان پري ڪري دنيا ۾ لڳائي ڇڏيندو آهي. هاءِ افسوس! اسان ان جي ڳالهين ۾ اچي **رمضان شريف** به غفلتن ۾ گذاري ڇڏيندا آهيون. ڪاش! اسان

---

1 ...؟؟؟_

انهن شيطاني وسوسن کان بچي، پورو رمضان شريف نيڪين ۾ گذاريون ۽ صرف نيڪيون ئي نيڪيون ڪرڻ ۾ مشغول ٿي وڃون.

## هڪ تمام قيمتي نصيحت

الله پاڪ جو هڪ تمام پيارو ارشاد آهي، فرمايو ويو:

قُلْ اِنَّمَاۤ اَعِظُكُمْ بِوَاحِدَةٍۚ
(پاره:22، سورهٔ سبا:46)

ترجمو ڪنزالعرفان: اوهان فرمايو: مان توهان کي هڪ نصيحت ڪيان ٿو.

يعني هيءُ رڳو هڪ نصيحت آهي ۽ اهڙي باڪمال ۽ بي مثال نصيحت آهي جو صرف ان هڪ ئي نصيحت تي عمل ڪرڻ انسان لاءِ ڪافي آهي. نصيحت ڪهڙي آهي؟ ارشاد فرمايو ويو:

اَنْ تَقُوْمُوْا لِلّٰهِ (پاره:22، سورهٔ سبا:46)

ترجمو ڪنزالعرفان: تہ توهان الله جي لاءِ قيام ڪيو.

يعني اي انسانو...!! غفلت جي ننډ مان جاڳو! ۽ الله پاڪ جي رضا خاطر همت ڪيو...!! [1]

ڪيڏي پيارِي نصيحت آهي...!! ماڻهو اٿندا ئي آهن: ۞ ڪو پنهنجي حقن لاءِ اٿندو آهي ۞ ڪو غربت ختم ڪرڻ لاءِ اٿندو آهي ۞ ڪنهن کي امير ٿيڻ جو جنون چڙهندو آهي تہ همت ڪري مال ڪمائڻ ۾ لڳي ويندو آهي ۞ ڪنهن کي شهرت حاصل ڪرڻ جو شوق جاڳندو آهي تہ ڪڏهن يوٽيوب، ڪڏهن فيس بڪ ۽ نہ ڄاڻ ڪهڙا ڪهڙا ذريعا اختيار ڪندو آهي، اسان کي صرف هڪ ئي نصيحت ڪئي وئي آهي هڪ نهايت ئي پيارِي نصيحت **الله پاڪ کي راضي ڪرڻ لاءِ جنوني ٿي وڃو! ۽ همت ڪري بس هن ڪم لاءِ بيهي رهو...!!**

## اچو...!!ڀلائي جي طرف

حديثِ پاڪ ۾ آهي: اسان جي آقا و مولا مڪي مدني مصطفىٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

[1]... منازِل السائرين للہروی،صفحہ:11 ماخوذًا ۔

فرمايو: **رمضان شريف** جي هر رات هي اعلان ڪيو ويندو آهي: يَا بَاغِیَ الْخَيْرِ اَقْبِلْ وَيَا بَاغِیَ الشَّرِّ اَقْصِرْ اي نيڪي گهرڻ وارا...!! اڳتي وڌ! اي برائي گهرڻ وارا...!! برائي کان باز اچي وڃ! (1)

سُبْحٰنَ الله! جڻ تہ **رمضان شريف** جي هر رات صبح تائين اعلان ٿيندو رهندو آهي: اي الله پاڪ جا ٻانهو ...!! اچو! نيڪيءَ جي طرف اچو...!! اي جنت جا طلبگارؤ...!! اچو! رمضان اچي ويو آهي! ۞ اي بخشش گهرڻ وارؤ...!! اچو! رمضان اچي ويو آهي! ۞ اي قربِ خدا ۽ عشقِ مصطفیٰ جا طلبگارؤ...!! اچو! رمضان اچي ويو آهي! ۞ اي نمازون قضا ڪرڻ وارؤ! نمازن ڏانهن وڌو! رمضان اچي ويو آهي! ۞ اي جماعت ڇڏڻ وارؤ! مسجد ڏانهن هلو! رمضان اچي ويو آهي! ۞ اي گناهن جي ڏُٻڻ ۾ رهڻ وارؤ! گناهہ ڇڏي ڏيو! رحمت جي طرف وڏي هلو! رمضان اچي ويو آهي.

ہم گناہگاروں پہ یہ کتنا بڑا احسان ہے
یا خدا! تُو نے عطا پھر کر دیا رمضان ہے
ہر گھڑی رحمت بھری ہے ہر طرف ہیں برکتیں
ماہِ رمضاں رحمتوں اور برکتوں کی کان ہے
آگیا رمضاں عبادت پر کمر اب باندھ لو
فیض لے لو جلد کہ دِن تیس کا مہمان ہے (2)

صرف 30 ڏينهن جو مهمان آهي ۞ خوب روزا رکو! سحري ۽ افطاري جا مزا ماڻيو! صرف 30 ڏينهن جو مهمان آهي ۞ پنج ئي نمازون مسجد ۾ جماعت سان پڙهو! صرف 30 ڏينهن جو مهمان آهي ۞ ڪثرت سان نفل پڙهو! ۞ تهجد بہ پڙهو! ۞ اشراق، چاشت ۽ اوابين جا نفل بہ پڙهو! صرف 30 ڏينهن جو مهمان آهي ۞ خوب تلاوت ڪيو! ۞ صدقو ۽ خيرات ڪيو! ۞ بلڪ مان تہ چوان ٿو، سڄي مهيني جو اعتڪاف ئي ڪري وٺو! صرف ۽ صرف 30 ڏينهن جو ئي تہ مهمان آهي، اهو بہ ڪهڙي خبر تہ 29 جو ئي ٿي وڃي ۞ بس الله پاڪ جي گهر ۾ ويهي رهو! رحمت جي دروازي سان چنبڙي وڃو! تہ هاڻي تہ بس بخشش ڪرائي ئي رهندس.

---

1... فضائل رمضان للمقدسی۔
2... ؟؟؟ ـ

اَبرِ رحمت چھا گیا ہے اور سماں ہے نُور نُور | فضلِ ربّ سے مغفرت کا ہو گیا سامان ہے (1)

پيارا اسلامي ڀائرو! اَلْحَمْدُلِلّٰه! رمضان شريف تشريف فرما ٿي رهيو آهي، هي هڪ مهينو الله پاڪ جي نالي ڪري ڇڏيو ۞ دنياداري ته هلندي ئي رهندي آهي ۞ ڪمائڻ، کائڻ ته ٿيندو ئي رهندو آهي ۞ اسان جون مصروفيتون ته جاري رهنديون آهن، هي سڀ زندگيءَ جو حصو آهي. ڪاش! اسان هڪ مهينو يعني رمضان شريف صرف ۽ صرف نيڪ عملن لاءِ وقف ڪري ڇڏيون. هن مهيني ۾ بس عبادت ئي ڪرڻي آهي، نيڪيون ئي ڪمائڻيون آهن. اسان هيءُ هڪ مهينو نيڪ عملن لاءِ وقف ڪري ڇڏيون، اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْکَرِيْم! ان جي برڪت سان سڄو سال بلڪ پوري زندگي بلڪ جيڪڏهن الله پاڪ چاهيو ته آخرت به سنورجي ويندي.

## حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام جي هڪ ادا

الله پاڪ جا نبي آهن حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام. اهي اعليٰ رتبي وارا نبي، جن کي الله پاڪ طُور جبل تي گهرائي پاڻ سان همڪلامي جو شرف عطا فرمايو.

سُبْحٰنَ الله! ڪيڏي شان وارا نبي آهن! جڏهن بدبخت فرعون پنهنجي قوم سميت درياءِ نيل ۾ ٻُڏي ويو، ان کان پوءِ الله پاڪ حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام کي حڪم فرمايو: اي موسيٰ! ڪوهِ طُور تي اچو! اتي رهي روزا رکو! بني اسرائيل جا 70 ماڻهو به پاڻ سان گڏ وٺي اچو! توهان کي توريت شريف عطا ڪيو ويندو. حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام حڪم تي عمل ڪيو، 70 ماڻهن کي پاڻ سان گڏ ورتائين ۽ طُور جبل ڏانهن روانا ٿي ويا.

هاڻي هتي حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام جو مبارڪ انداز نهايت حسين ۽ پيارو هو. پاڻ انهن 70 ماڻهن کي فرمايائون: مان ڪوهِ طُور تي تڪڙو تڪڙو وڃي رهيو آهيان، توهان منهنجي پويان پويان اچي وڃجو. ايئن چئي پاڻ تيزيءَ سان ڪوهِ طُور تي پهچي ويا، الله پاڪ فرمايو:

وَمَاۤ اَعْجَلَكَ عَنْ قَوْمِكَ يٰمُوْسٰى ﴿۸۳﴾ | ترجمو ڪنز العرفان: ۽ اي موسيٰ توکي پنهنجي قوم کان ڪهڙي

---

1... وسائلِ بخشش، صفحہ:705 ۔

(پارہ:16، سورۂ طٰہٰ:83)

شيءِ جلدي ۾ مبتلا ڪيو؟

يعني اي موسيٰ! بني اسرائيل کي پوئتي ڇڏي تڪڙو تڪڙو ڇو آئين …؟ عرض ڪيائين:

عَجِلْتُ اِلَيْكَ رَبِّ لِتَرْضٰى ﴿۸۴﴾

(پارہ:16، سورۂ طٰہٰ:84)

ترجمو ڪنزالعرفان: اي منهنجا رب! مان تنهنجي طرف جلدي ان ڪري حاضر ٿيس تہ جيئن تون راضي ٿئين.

يعني اي پيارا الله ڪريم! تنهنجي حڪم تي عمل ڪرڻ، ڪوهِ طُور تي پهچي جلد کان جلد روزا شروع ڪرڻ، تنهنجي عبادت ۾ مشغول ٿي توکي راضي ڪرڻ جو شوق ئي ايترو هو جو صبر نہ ٿي سگهيو، تنهنڪري مان تڪڙو تڪڙو هلي ڀهريان پهچي ويس.[1]

سُبْحٰنَ الله! پيارا اسلامي ڀائرو! حضرت موسیٰ عَلَيْهِ السَّلَام ڪيڏانهن وڃي رهيا هئا..؟ جبلِ طُور تي. ڇا ڪرڻو هو؟ روزا رکڻ جو حڪم هو، پوءِ توريت شريف عطا ٿيڻ وارو هو. حضرت موسیٰ عَلَيْهِ السَّلَام کي ان جو ايترو تہ شوق پيدا ٿيو جو پاڻ هن ڪم لاءِ جلدي فرمايائون. اَلْحَمْدُ لِلّٰه! ۞ رمضان شريف اچي رهيو آهي ۞ روزا رکڻ جو مهينو اچي رهيو آهي ۞ عبادت ڪرڻ جو مهينو اچي رهيو آهي ۞ توبهہ ڪرڻ جو مهينو اچي رهيو آهي ۞ نيڪين جي طرف وڌڻ جو مهينو اچي رهيو آهي ۞ عبادت لاءِ سَندِرو ٻڌڻ جو مهينو اچي رهيو آهي. اسان بہ حضرت موسیٰ عَلَيْهِ السَّلَام جي هن پيارِي ادا مان سبق حاصل ڪيون، جلدي ڪيون، الله پاڪ جي رضا حاصل ڪرڻ جي شوق ۾ سيني کان اڳتي نڪري وڃون ۞ جلدي جلدي توبهہ ڪيون ۞ نيڪ عملن جي فهرست تيار ڪيون ۞ رمضان شريف ڪيئن گذارڻو آهي، جلد کان جلد ان جو جدول تيار ڪيون ۽ پوري شوق سان پيشگي تياريءَ سان رمضان شريف جو ڀرپور استقبال ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي وڃون.

يعني اي پيارا الله ڪريم! تنهنجي حڪم تي عمل ڪرڻ، ڪوهِ طُور تي

[1]… صاوي۔

پهچي جلد کان جلد روزا شروع ڪرڻ، تنهنجي عبادت ۾ مشغول ٿي توکي راضي ڪرڻ جو شوق ئي ايترو هو جو صبر نه ٿي سگهيو، تنهنڪري مان تڪڙو تڪڙو هلي پهريان پهچي ويس.[1]

سُبْحٰنَ الله! پيارا اسلامي ڀائرو! حضرت موسیٰ عَلَيْهِ السَّلَام ڪيڏانهن وڃي رهيا هئا..؟ جبلِ طُور تي. ڇا ڪرڻو هو؟ روزا رکڻ جو حڪم هو، پوءِ توريت شريف عطا ٿيڻ وارو هو. حضرت موسیٰ عَلَيْهِ السَّلَام کي ان جو ايترو ته شوق پيدا ٿيو جو پاڻ هن ڪم لاءِ جلدي فرمايائون. اَلْحَمْدُلِلّٰه! ۞ **رمضان شريف** اچي رهيو آهي ۞ روزا رکڻ جو مهينو اچي رهيو آهي ۞ عبادت ڪرڻ جو مهينو اچي رهيو آهي ۞ توبهه ڪرڻ جو مهينو اچي رهيو آهي ۞ نيڪين جي طرف وڌڻ جو مهينو اچي رهيو آهي ۞ عبادت لاءِ سَندِرو ٻَڌڻ جو مهينو اچي رهيو آهي. اسان به حضرت موسیٰ عَلَيْهِ السَّلَام جي هن پيارِي ادا مان سبق حاصل ڪيون، جلدي ڪيون، الله پاڪ جي رضا حاصل ڪرڻ جي شوق ۾ سيني کان اڳتي نڪري وڃون ۞ جلدي جلدي توبهه ڪيون ۞ نيڪ عملن جي فهرست تيار ڪيون ۞ **رمضان شريف** ڪيئن گذارڻو آهي، جلد کان جلد ان جو جدول تيار ڪيون ۽ پوري شوق سان پيشگي تياريءَ سان **رمضان شريف** جو ڀرپور استقبال ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي وڃون.

## رمضان شريف الله پاڪ جي نالي

حديث پاڪ ۾ آهي: الله پاڪ توهان جي لاءِ 11 مهينا مقرر ڪيا آهن، انهن ۾ کائو! پيئو! مزا ماڻيو! **پر هڪ مهينو خاص پنهنجي لاءِ مقرر فرمايو آهي:** فَاتَّقُوْا شَهْرَرَمضَانَ فَاِنَّهٗ شَهْرُالله يعني رمضان جي مهيني کان ڊڄو! بيشڪ هي الله پاڪ جو مهينو آهي.[2]

آگيارَ مضاں عبادت پر کمر اب باندھ لو
فیض لے لو جلد یہ دن تیس کا مہمان ہے

بھائیو بہنو! کرو سب نیکیوں پر نیکیاں
پڑ گئے دوزخ پہ تالے قید میں شیطان ہے (3)

---

[1]... صاوي.

[2]... شُعَبُ الْايمان، باب فی الصيام، فصل فی فضائل شهر رَمَضَان، جلد:3، صفحه:312، حديث: 3632.

[3]...وسائلِ بخشش، صفحه:705، 706ملتقطاً.

سُبْحٰنَ الله! **رمضان شريف** الله پاڪ جو مهينو آهي. سيئي مهينا الله پاڪ جا آهن، ڏينهن، مهينا، سال، سڀ ڪجهه ان پاڪ ربّ ئي بڻايو آهي، اهو ئي هي سمورو نظام هلائي رهيو آهي، اهو ئي خالق آهي، اهو ئي مالڪ آهي. سڀ مهينا الله پاڪ جا آهن، پر **رمضان شريف** خاص طور تي الله پاڪ ڏانهن منسوب آهي. جهڙيءَ ريت ساري زمين الله پاڪ جي آهي، پر فقط مسجد کي الله جو گهر چيو ويندو آهي. ان جو مطلب ڇا آهي؟ مطلب هي آهي تہ سموري زمين سٺي آهي، پر مسجد جي عظمت تمام گهڻي آهي ۞ گهر ۾ نفل پڙهو، ثواب ملندو، مسجد ۾ اچي پڙهو! وڌيڪ ثواب ملندو ۞ ٻاهر نافرماني ڪيو تہ گناهہ ٿيندو آهي، مسجد ۾ اچي ڪيو تہ وڌيڪ گناهہ ٿيندو آهي. اهڙي طرح **رمضان شريف** الله پاڪ جو مهينو آهي. يعني سيئي مهينا سٺا آهن، فضيلت وارا آهن، پر **رمضان شريف** تمام گهڻي فضيلت وارو آهي ۞ عام ڏينهن ۾ نيڪي ڪيو، ثواب ملندو، **رمضان شريف** ۾ نيڪي ڪريو، تمام گهڻو ثواب ملندو. عام ڏينهن ۾ برائي ڪيو، گناهہ ٿيندو، **رمضان شريف** ۾ برائي ڪيو تہ وڌيڪ گناهہ ٿيندو، ڇاڪاڻ تہ هي الله پاڪ جو مهينو آهي.

## رمضان شريف ۾ گناهہ جو وبال

پياري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: جيڪو رمضان ۾ گناهہ جو ڪم ڪندو آهي، الله پاڪ ان جا سڄي سال جا عمل ضايع فرمائي ڇڏيندو آهي.[1]

الله پاڪ اسان کي گناهن کان بچڻ ۽ سڄو **رمضان شريف** نيڪين ۾ گذارڻ جي توفيق نصيب فرمائي. اٰمِين بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## ڪيڏي محرومي جي ڳالهہ آهي...!!

**پيارا اسلامي ڀائرو!** اَلْحَمْدُ لِله! **رمضان شريف** اچي رهيو آهي، نيت ڪيو تہ! اسان کي سمورو **رمضان شريف** صرف ۽ صرف نيڪين ۾ ئي گذارڻو آهي. مولانا روم رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه هڪ پيرو ڪنهن کي نصيحت ڪري رهيا هئا، پاڻ تمام

---

[1]... معجم اوسط، جلد:2، صفحه:414، حديث:3688۔

خوبصورت ڳالهه فرمايائون: ڪيڏونہ محروم آهي اهو شخص جيڪو سمنڊ تائين پهچي وڃي، پر اتان صرف هڪ گلاس پاڻي کڻي واپس اچي. سمنڊ ۾ تہ موتي بہ هوندا آهن، هيرا جواهر بہ هوندا آهن، تمام گهڻيون عظيم نعمتون بہ سمنڊ ۾ هونديون آهن، جڏهن سمنڊ تائين پهچي ئي ويو آهي تہ پوءِ صرف هڪ گلاس پاڻي تي ئي بَس ڇو ڪري رهيو آهي...؟ [1]

اَلْحَمْدُلِلّٰه! **رمضان شريف** اچي رهيو آهي! اهو مهينو، جنهن ۾ فرض جو ثواب 70 ڀيرا وڌايو ويندو آهي ۞ نفل جو ثواب فرض جي برابر ڪيو ويندو آهي ۞ روزانو لکين گنهگارن جي بخشش ٿيندي آهي ۞ ڏينهن رات رحمتون ئي رحمتون وسنديون آهن، هاڻي جڏهن قسمت سان اسان کي **رمضان شريف** نصيب ٿي ويو آهي تہ پوءِ صرف 5 نمازن تي ئي بس ڇو ڪيون؟ ۞ صرف 20 رڪعت تراويح تائين ئي محدود ڇو رهون؟ ۞ صرف روزو رکي بک ۽ اُڃ برداشت ڪرڻ تي ئي راضي ڇو رهون؟ انهن سان گڏوگڏ تهجد، اشراق، چاشت ۽ اوابين جا نفل ڇو نہ پڙهون؟ ۞ راتيون عبادت ۾ ڇو نہ گذاريون؟ ۞ درود پاڪ جي ڪثرت ڪري، وڌِ کان وڌِ ثواب ڪمائڻ جي ڪوشش ڇو نہ ڪريون؟ ۞ تلاوت جي ڪثرت ڪري، هڪ هڪ حرف تي ڪيترائي دفعا وڌيڪ نيڪيون ڇو نہ ڪمايون....؟ **رمضان شريف** نصيب جو ٿي ويو آهي، هاڻي تہ گهرجي تہ جهوليون ڀري ڀري رحمتون حاصل ڪيون، ڏينهن رات، صبح شام، بس نيڪيون ئي نيڪيون ڪندا رهون، پنهنجو پاڻ کي عبادت ۾ ايئن مصروف ڪري ڇڏيون، جو دنيا جي خبر ئي نہ رهي!

هر گھڑی رحمت بھری ہے ہر طرف ہیں برکتیں | ماہِ رمضاں رحمتوں اور برکتوں کی کان ہے(2)

## عبادت لاءِ سَندرو ٻڌي ڇڏيندا هئا

مسلمانن جي امّي جان، حضرت عائشہ صِدّيقہ طيبہ طاهِره رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهَا فرمائن ٿيون جڏهن **رمضان شريف** ايندو هو تہ پيارا آقاءِ مديني وارا مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم

---

[1]... ؟؟؟ ۔

[2]... وسائلِ بخشش، صفحہ:705 ۔

عبادت لاءِ سَندِرو ٻڌي ڇڏيندا هئا.[1]

امام نووي رَحۡمَةُاللّٰهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: عبادت لاءِ سندرو ٻڌڻ جو مطلب هي آهي ته رسولِ اڪرم، نورِ مجسم صَلَّی اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَ آلِهٖ وَسَلَّم عام ڏينهن ۾ جيتري عبادت ڪندا هئا، **رمضان شريف** ۾ ان کان وڌيڪ عبادت فرمائيندا هئا.[2]

سُبۡحٰنَ الله! هي اسان جا آقا صَلَّی اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آهن، جن جو هڪ هڪ عمل ئي عبادت آهي، بلڪ سچي ڳالهه ته هيءَ آهي ته اوهان جي ادائن کي اختيار ڪرڻ ئي حقيقت ۾ عبادت آهي. پاڻ ڪريم صَلَّی اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَ آلِهٖ وَسَلَّم جن جو ڪو به لمحو، ڪو به سيڪنڊ اهڙو ناهي، جيڪو مَعاذَ الله فضول گذريو هجي، ان جي باوجود پاڻ صَلَّی اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَ آلِهٖ وَسَلَّم **رمضان شريف** ۾ عبادت وڌائي ڇڏيندا هئا. هي اسان لاءِ سبق آهي، اسان کي به گهرجي ته جڏهن **رمضان شريف** اچي ته بس عبادت لاءِ سندرو ٻڌي ڇڏيون، ان جي برڪت سان اِنۡ شَآءَ اللهُ الۡکَرِيۡم! دنيا به سنورجي ويندي ۽ آخرت به سنورجي ويندي.

آ گیا رمضاں عبادت پر کمر اب باندھ لو | فیض لے لو جلد کہ دن تیس کا مہمان ہے (3)

## مالڪ ڏاڍو ڪريم آهي

حضرت وَهْب بن مُنبه رَحۡمَةُاللّٰهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: بني اسرائيل جو هڪ شخص هو، جيڪو ڏاڍو عبادت گذار هو، هو ضرورت موجب حلال روزي ڪمائيندو هو ۽ باقي وقت عبادت ۾ گذاريندو هو. هڪ ڀيري ايئن ٿيو جو کيس ڪيترن ئي ڏينهن تائين ڪابه مزدوري نه ملي، ايتري تائين جو وٽس کائڻ لاءِ ڪجهه به نه بچيو، هڪ ڏينهن هو ڪم ڳولڻ لاءِ گهران نڪتو، جڏهن کيس ڪوبه ڪم نه مليو ته سوچيائين ته هلو! الله پاڪ جي عبادت ڪريان ٿو. جيئن ته هو درياء جي ڪناري تي آيو، وضو ڪيائين ۽ سڄو ڏينهن عبادت ۾ گذاريائين. شام ٿي ته هٿين خالي گهر واپس آيو، ڪمايو ته ڪجهه نه هئائين پر جڏهن گهر وارن ڪانئس پڇيو ته وراڻيائين مان اڄ بيحد ڪريم مالڪ وٽ مزدوري ڪري آيو آهيان، هو مون کي

---

[1]...شُعَبُ الْايمان، جلد:3، صفحه:310، حديث:3624-

[2]...فيض القدير ،جلد:5، صفحه:168، تحت الحديث:6680-

[3]... ؟؟؟ -

چڱي ڀلي اجرت ڏيندو.

ٻڪئي پيٽ سان جيئن تيئن رات گذري وئي، ٻئي ڏينهن ٻيهر ڪم ڳولهڻ لاءِ نڪتو، پر اڄ به هن کي ڪو ڪم نه مليو، درياءَ جي ڪناري تي پهتوءِ اڄوڪو ڏينهن به عبادت ۾ گذاري ڇڏيائين. شام جو وري خالي هٿين واپس آيو، ٻکن جي ماريل زال ڏنو ته جذبات ۾ پرجي ويئي، چيائين: ڪيترن ڏينهن کان ٻکيا آهيون، ٻارن جي اهڙي حالت آهي جو ڏسي نه ٿي سهگجي ۽ توهان جو مالڪ آهي جو اجرت ئي نه ٿو ڏئي، ايئن ڪيسيتائين گذارو ٿيندو.

هن ويچاريءَ کي ڪهڙي خبر ته منهنجو مڙس ڪهڙي مالڪ وٽ مزدوري ڪري رهيو آهي، هُن عبادت گذار شخص جڏهن پنهنجي زال جون اهڙيون ڳالهيون ٻڌيون ته پريشان ٿي ويو سڄي رات ڏک ۽ پريشاني جي حالت ۾ پاسا ورائيندي گذاريائين. صبح جو وري ڪم جي تلاش ۾ گهر کان روانو ٿيو، ڪيس اڄ به ڪم نه مليو، اڄ به معمول مطابق درياءَ تي آيو ۽ عبادت ۾ مصروف ٿي ويو.

سڄو ڏينهن ته عبادت ۾، الله پاڪ جي ياد ۾ مسرور رهي گذري ويو، شام جو جڏهن گهر وڃڻ جو وقت ٿيو ته ڪيس ڳڻتي ورائي وئي، هاڻي هي نيڪ شخص ٽڪل ٽڪل قدمن سان گهر ڏانهن روانو ٿيو سندس هٿ اڄ به خالي هئا، دل ۾ بار بار ٻارن ۽ گهر وارن جو خيال اچي رهيو هئس ته انهن کي ڪهڙو دلاسو ڏيندس، پنهنجي زال کي ڪهڙو جواب ڏيندس انهن ئي سوچن ۾ گُم جڏهن گهر جي ويجهو پهتو ته ڇا ٿو ڏسي ته گهر جي اندران عمده ۽ بهترين کاڌن جي خوشبو اچي رهي آهي! ايئن لڳي رهيو هو ڄڻ گهر جي اندر ڪو خوشيءَ جو ماحول آهي، هڪ لمحي لاءِ ڪيس لڳو ته شايد مان ڪنهن ٻئي جي گهر اچي ويو آهيان، پوءِ جڏهن دروازو کڙڪايائين ته سندس زال خوشيءَ مان دروازو کوليو، ڏسندي ئي چيائين: توهان جنهن مالڪ وٽ مزدوري ڪندا آهيو، اهو واقعي وڏو ڪريم آهي، اڄ اوهان جي وڃڻ کان پوءِ ان جو قاصد آيو هو، جنهن تمام وڏي رقم ۽ کاڌي پيتي جون شيون ڏنيون ۽ چيائين: جڏهن تنهنجو مڙس اچي ته ان کي منهنجا سلام چئجانءِ ڪيس ٻڌائجانءِ ته تنهنجو مالڪ تنهنجي عمل کان راضي آهي، هي تنهجي محنت جو صلو آهي-[1]

---

[1]... عيون الحكايات۔

پيارا اسلامي ڀائرو! واقعي سچي ڳالھ آهي، جيڪو نيڪ رستو اختيار ڪندو آهي، الله پاڪ ان جا سڀ بگڙيل ڪم سنواري ڇڏيندو آهي. اَلْحَمْدُلِلّٰه! رمضان شريف اچي رهيو آهي، هي هڪ مهينو اسان الله پاڪ جي نالي ڪري ڇڏيون، بس هي پڪو ارادو ڪري ڇڏيون ته ٻيا ڪم ٿين يا نه ٿين، عبادت ضرور ڪرڻي آهي، نيڪ ڪم لازمي ڪرڻا آهن، هن مهيني ٿورو ڪمائيندا سين پر نيڪين ۾ گهٽتائي اچڻ هرگز نه ڏينداسين.

## عبادت ڪيو...!! ثابت قدمي سان ڪيو!

سيپارو 16، سورهٔ مريَم جي آيت نمبر 65 ۾ الله پاڪ جو فرمان آهي:

رَبُّ السَّمٰوٰتِ وَ الْاَرْضِ وَ مَا بَیْنَهُمَا فَاعْبُدْهُ وَ اصْطَبِرْ لِعِبَادَتِهٖ
(پارہ:16، سورهٔ مريم:65)

ترجموڪنزالعرفان: آسمانن ۽ زمين ۽ جيڪو ڪجھ انهن جي وچ ۾ آهي سمورن جو رب (اهو ئي آهي) سو انهيءَ جي عبادت ڪر ۽ ان جي بندگي تي ثابت قدم رھ.

يعني الله پاڪ ئي آهي، جيڪو زمين ۽ آسمان جو خالق به آهي، مالڪ به آهي، اهو ئي تمام جهانن جو پالڻ وارو آهي، بس ان جي ئي عبادت ڪر! فرمايو ويو:

وَ اصْطَبِرْ لِعِبَادَتِهٖ
(پارہ:16، سورهٔ مريم:65)

ترجموڪنزالعرفان: ۽ ان جي عبادت تي ثابت قدم رھ

يعني راھِ عبادت ۾ مشڪلون اينديون، مشقت ٿيندي پر توهان ان تي ثابت قدم رهو، مستقل مزاجي سان عبادت ڪندا رهو.[1]

## پورو رمضان شريف عبادت ڪريو!

پيارا اسلامي ڀائرو! هي هڪ بهترين سبق آهي: عبادت ڪرڻ، ثابت قدمي ۽ مستقل مزاجي سان ڪرڻ. اسان وٽ هي هڪ وڏو مسئلو آهي ته اسان عبادت ڏانهن مائل ته ٿي ويندا آهيون، پر ان تي استقامت اختيار نه ڪندا آهيون، ثابت قدمي سان عبادت نه ڪندا آهيون. هاڻي جيئن ته رمضان شريف اچي ويو آهي، رمضان شريف جي اچڻ سان عبادت جو شوق وڌي ويندو آهي، اسان ڪيترائي

[1]…تفسير ڪبير، پاره:16، سورهٔ مريم، زير آيت:65، جلد:7، صفحه:555 خلاصةً۔

نيڪ ارادا ڪندا آهيون پر پوءِ آهستي آهستي عبادت جو ذوق گهٽجڻ لڳندو آهي، **رمضان شريف** جي پهرين ڏهاڪي ۾ مسجدن ۾ رونق هوندي آهي، تراويح ۾ به سنو تعداد هوندو آهي، تلاوت جي به گهڻي رغبت هوندي آهي، پر ٻئي ڏهاڪي ۾ اهو ذوق گهٽجي ويندو آهي، نمازين جي تعداد ۾ به گهٽتائي ٿي ويندي آهي، تراويحن ۾ به وڃي ڪجهه ماڻهو بچندا آهن، اها جيڪا ڪمي آهي، سا نه ٿيڻ گهرجي، اها سٺي ڳالهه نه آهي.

## پسنديده عمل ڪهڙو آهي؟

مسلمانن جي پيارِي اَمّي جان، سيده عائشه رَضِیَ اللہُ عَنْہا کان پڇيو ويو: پياري آقا، مڪي مدني مصطفیٰ صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم جو سڀ کان وڌيڪ پسنديده عمل ڪهڙو هو؟ فرمايائون: مَا دِيْمَ عَلَيْهِ يعني اهو نيڪ عمل، جنهن تي هميشگي اختيار ڪئي وڃي.[1]

معلوم ٿيو اسان کي عبادت ڪرڻي آهي، ثابت قدمي سان ڪرڻي آهي، سڄو **رمضان شريف** ڪرڻي آهي، **رمضان شريف** کان بعد به، بلڪ اِنْ شَآءَ اللہُ الْکَرِیْم! مرڻ گهڙيءَ تائين عبادت ئي ڪرڻي آهي.

## رمضان شريف جون 5 خصوصي عبادتون

پيارا اسلامي ڀائرو! حڪيم الامت، مفتي احمد يار خان نعيمي رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ فرمائن ٿا: **رمضان شريف** جون 5 خاص عبادتون آهن: (1):روزو (2): تراويح (3): تلاوتِ قرآن (4): شبِ قدر جي عبادت (5): اعتڪاف.[2]

## (1): روزي جون فضيلتون

هونئن ته عام ڏينهن ۾ به نفلي روزا رکيا ويندا آهن پر **رمضان شريف** جا روزا الله پاڪ فرض ڪيا آهن. قرآن ڪريم ۾ ارشاد آهي:

---

[1]...ترمذی، کتاب الادب، صفحہ:664، حدیث:3856۔

[2]... تفسیر نعیمی ،پارہ:2 ،سورۂ بقرہ،زیرِ آیت:185،جلد:2،صفحہ:228 ۔

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا كُتِبَ عَلَيْكُمُ الصِّيَامُ كَمَا كُتِبَ عَلَى الَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِكُمْ لَعَلَّكُمْ تَتَّقُوْنَ ﴿۱۸۳﴾

(پارہ:2، سورۂ بقرہ:183)

**ترجمو ڪنزالعرفان:** ته توهان مان جيڪو هي مهينو ماڻي ته ضرور ان جا روزا رکي.

## ميدانِ محشر ۾ روزيدارن جا مزا هوندا

حضرت انس بن مالڪ رَضِیَ اللہُ عَنْہُ روايت ڪن ٿا ته غيب ڄاڻڻ واري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: قيامت جي ڏينهن روزيدارن جي وات مان مشڪ جي خوشبو اچي رهي هوندي، انهن لاءِ عرش جي ڇانوَ ۾ هڪ دسترخوان لڳايو ويندو، روزيدار ان دسترخوان تان کائي پي رهيا هوندا، جڏهن ته ماڻهو حساب ڪتاب جي مشقت ۾ مبتلا هوندا. (1)

تراویح اور نمازوں میں کمی ہو گی نہ روزوں میں
کرو مل کر یہ نیّت ماہِ رمضان آنے والا ہے

نبی کے عشق میں روؤں، مدینے کے لئے تڑپوں
خُدا دے سوز ورِقّت ماہِ رمضان آنے والا ہے

رہوں قائم میں توبہ پر، خُدا فضل ایسا کر
گُناہوں سے دے نفرت ماہِ رمضان آنے والا ہے

## (2): تراويح جون فضيلتون

**رمضان شريف** جي ٻي اهم عبادت، جيڪا **رمضان شريف** ۾ ئي ڪئي ويندي آهي، اها آهي: نمازِ تراويح. **رمضان شريف** ۾ تراويح پڙهڻ سنت مؤڪده آهي. (2)

الله پاڪ جي آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: جيڪو شخص رمضان جي راتين ۾ نماز پڙهندو آهي، الله پاڪ ان جي هر سجدي جي بدلي ۾ ان جي لاءِ 1500 نيڪيون لکندو آهي ۽ ان جي لاءِ جنت ۾ ڳاڙهي ياقوت جو محل تيار ڪندو آهي وڌيڪ فرمايائون: جڏهن به ٻانهو **رمضان شريف** ۾ رات يا ڏينهن جو سجدو ڪندو آهي ته ان جي هر سجدي جي بدلي ۾ جنت ۾ هڪ اهڙو وڻ

---

[1]... لطائف المعارف،وظائف شہررمضان المعظم ،صفحہ:218۔

[2]... رد المحتار، کتاب الصلاۃ، باب الوتر والنوافل، مبحث صلاۃ التراویح،جلد:2، صفحہ:596۔

لڳايو ويندو آهي، جنهن جي چانوَ ۾ گهوڙي سوار 500 سالن تائين سفر ڪندو رهي. [1]

سُبْحٰنَ الله! الله پاڪ جي رحمت تي قربان وڃجي! **رمضان شريف** ۾ صرف هڪ سجدو ڪرڻ تي 1500 نيڪيون ملنديون آهن، جنت ۾ ڳاڙهي ياقوت جو محل ناهيوويندو آهي ۽ جنت ۾ ايڏو وڏو وڻ لڳايو ويندو آهي جنهن جي چانو ۾ گهوڙي سوار 500 سالن تائين هلندو رهي. هن مان اهي ماٺهو سبق حاصل ڪن، جيڪي مَعَاذَ الله! تراويح نہ پڙهندا آهن يا پڙهندا تہ آهن پر 20 رڪعتون پوريون نہ پڙهندا آهن. غور تہ ڪيو! نمازِ تراويح جون 20 رڪعتون آهن، جن ۾ 40 سجدا ٿين ٿا، يعني جيڪو 20 رڪعتون تراويح پڙهندو، ان کي الله پاڪ جي رحمت سان 60 هزار نيڪيون ملنديون، جنت ۾ 40 وڻ لڳايا ويندا ۽ 40 جنتي محل عطا ڪيا ويندا، هي تہ صرف سجدن جو ثواب آهي. قيام، رڪوع، نمازِ تراويح ۾ قرآن پاڪ ٻڌڻ، ايتري دير مسجد ۾ رهڻ جو ثواب ان کان علاوه آهي. جيڪي نادان 8 رڪعتون تراويح پڙهي گهر هليا ويندا آهن، اهي 36 هزار نيڪين، 24 جنتي محلن ۽ 24 جنتي وڻن کان محروم ٿي ويندا آهن ۽ جيڪي 12 رڪعتون پڙهي ٿڪجي پوندا آهن، اهي 24 هزار نيڪين، 16 جنتي محلن ۽ 16 جنتي وڻن کان محروم رهجي ويندا آهن. هي تہ فقط حديث پاڪ ۾ بيان ڪيل ظاهري تعداد مطابق حساب آهي، الله پاڪ جي رحمت ڏانهن ڏٺو وڃي تہ 20 رڪعتون مڪمل پڙهڻ وارن جي خوش نصيبي ۽ جيڪي اڌوريون تراويح پڙهي هليا ويندا آهن، انهن جي محرومي جو اندازو لڳائڻ ممڪن ئي نہ آهي.

بھائیو! بہنو! کرو سب نیکیوں پر نیکیاں | پڑ گئے دوزخ پہ تالے، قید میں شیطان ہے
بھائیو! بہنو! گُناہوں سے سبھی توبہ کرو | خُلد کے دَر کھل گئے ہیں داخِلہ آسان ہے (2)

## (3): تلاوتِ قرآن

**رمضان شريف** جي ٽين اهم عبادت آهي: تلاوتِ قرآن- اسان جا پيارا آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **رمضان شريف** ۾ ڪثرت سان تلاوت فرمائيندا

[1]... شعب الايمان،باب فی الصيام ،جلد:3 ،صفحہ:314 ،حديث:3635۔

[2]...وسائل بخشش، صفحہ:706۔

هئا، حضرت جبرائيلِ امين عَلَيْهِ السَّلَام حاضر ٿيندا هئا، سرڪارِ عالي وقار، مڪي مدني تاجدار صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرشتن جي سردار حضرت جبرائيلِ امين عَلَيْهِ السَّلَام سان گڏ قرآن ڪريم جو دَور ڪندا هئا.(1)

## رمضان شريف ۾ ڪثرت سان تلاوت ڪرڻ وارا

اهڙي طرح اسان جا بزرگانِ دين، اللّٰہ پاڪ جا نيڪ ٻانها ٻه عام ڏينهن ۾ تہ تلاوت ڪندا هئا، رمضان شريف ۾ انهن جو شوقِ تلاوت وڌيڪ وڌي ويندو هو ۞ ڪجهه اولياءِ ڪرام رمضان شريف ۾ ٽن راتين ۾ هڪ ختم پاڪ پورو ڪندا هئا ۞ حضرت اَسْوَد رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه رمضان شريف ۾ هر ٻن راتين ۾ هڪ ڀيرو قرآن ڪريم ختم ڪندا هئا ۞ امام نَخْعِي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جو معمول هي هو تہ رمضان شريف جي شروعاتي 20 ڏينهن ۾ هر ٽن ڏينهن ۾ هڪ ڀيرو ختم قرآن فرمائيندا هئا ۽ پوين 10 ڏينهن ۾ هر ٻن راتين ۾ هڪ ڀيرو قرآن پاڪ ختم ڪندا هئا ۞ حضرت قَتادَه رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ هميشہ (يعني سال جي عام ڏينهن ۾ بہ) 7 ڏينهن ۾ هڪ ختم پاڪ پورو ڪندا هئا، پر جڏهن رمضان شريف ايندو هو تہ سندن شوقِ تلاوت وڌي ويندو هو ۽ پاڻ هر ٽن ڏينهن ۾ هڪ ختمِ قرآن پورو ڪندا هئا، جڏهن آخري عشرو (يعني پويان 10 ڏينهن) ايندو هو تہ سندن تلاوت جو ذوق اڃان وڌيڪ وڌي ويندو هو ۽ روزانو هڪ ختمِ پاڪ پورو ڪندا هئا ۞ امام شافعي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه رمضان شريف ۾ 60 ڀيرا قرآن پاڪ ختم فرمائيندا هئا ۞ ۽ امامِ اعظم، امام ابو حنيفہ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جو ڇا تہ شان آهي، پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه رمضان شريف ۾ 61 قرآنِ ڪريم ختم فرمائيندا هئا.(2)

ڪاش! اسان کي بہ توفيق نصيب ٿئي، اسان بہ قرآن ڪريم جي تلاوت ڪيون.

اٰمِين بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِیّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم.

ہر روز میں قرآن پڑھوں کاش! خدایا | اللہ! تلاوت میں مرے دِل کو لگا دے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

---

[1] ... ؟؟؟ ۔

[2] ... لطائف المعارف،وظائف شہر رمضان المعظم،صفحہ:237۔

## (4): شبِ قدر ۾ عبادت ڪرڻ

اي عاشقانِ رسول! رمضان شريف جي چوٿين اهم ۽ خاص عبادت آهي: شبِ قدر ۾ عبادت ڪرڻ- شبِ قدر نهايت ئي بابرڪت رات آهي، ان کي لَيۡلَةُ الۡقَدۡر به چيو ويندو آهي- الله پاڪ قرآن ڪريم ۾ فرمائي ٿو:

| | |
|---|---|
| لَيۡلَةُ الۡقَدۡرِ ۙ خَيۡرٌ مِّنۡ اَلۡفِ شَهۡرٍ ؕ﴿۳﴾ (پاره:30، سورهٔ قدر، آيت:3) | ترجموڪنزالعرفان: شبِ قدر هزار مهينن کان بهتر آهي. |

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰه! جيڪو شخص شبِ قدر ۾ عبادت ڪري، ان کي هڪ هزار مهينن (يعني 83 سال 4 مهينا) کان به وڌيڪ عبادت ڪرڻ جو ثواب ملندو آهي.

شبِ قدر رمضان شريف جي آخري ڏهاڪي جي طاق (اِڪي) راتين (يعني 21 هين، 23 هين، 25 هين، 27 هين ۽ 29 هين رات) مان ڪنهن هڪ رات ۾ هوندي آهي، ان جي باري ۾ ڪيترائي قول موجود آهن، پر اڪثر عُلماء هن تي متفق آهن ته رمضان شريف جي 27 هين رات شبِ قدر هوندي آهي.[1] اسان کي گهرجي ته پورو رمضان شريف ئي غفلت کان بچندي گذاريون، خاص طور تي آخري ڏهاڪي جي طاق (اِڪي) راتين ۾ ضرور ضرور عبادت ڪيون.

| | |
|---|---|
| ڀائيو! ڀينو! ڪرو سب نيڪيوں پر نيڪياں | پڑ گئے دوزخ پہ تالے، قید میں شیطان ہے |
| ڀائيو! ڀينو! گُناہوں سے سبھی توبہ کرو | خُلد کے دَر کھل گئے ہیں داخِلہ آسان ہے (2) |

## (5) اعتڪاف

رمضان شريف جي پنجين اهم عبادت آهي: اِعتڪاف. نفلي اعتڪاف ته ڪنهن به وقت ڪري سگهجي ٿو پر جيڪو اعتڪاف سنّتِ مؤڪده آهي، اهو رمضان شريف ۾ ئي ٿيندو آهي. پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کان پورو رمضان شريف اعتڪاف ڪرڻ به ثابت آهي ۽ پوئين ڏهاڪي (يعني آخري 10 ڏينهن)

---

[1]... ؟؟؟ ـ

[2]...وسائل بخشش، صفحه:706ـ

جو اعتڪاف تہ اسان جي آقا و موليٰ، تاجدارِ انبياء صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي تمام گھڻو پسند هو، پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آخري ڏهاڪي جي اعتڪاف جو تمام گھڻو اهتمام فرمائيندا هئا، ايتري قدر جو هڪ ڀيرو ڪنهن سبب جي ڪري **رمضان شريف** ۾ اعتڪاف نہ ٿي سگهيو تہ پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم شوال ۾ اعتڪاف فرمايو.[1]

## اعتڪاف جون فضيلتون

حضرت عائشه صديقہ رَضِیَ اللهُ عَنْها کان روايت آهي: مَنِ اعْتَكَفَ اِيْمَانًا وَاحْتِسَابًا غُفِرَ لَهٗ مَا تَقَدَّمَ مِنْ ذَنْبِهٖ جنهن ايمان سان ۽ ثواب حاصل ڪرڻ جي نيت سان اعتڪاف ڪيو، ان جا پويان گناھ بخش ڪيا ويندا. [2] ۞ هڪ حديث پاڪ ۾ فرمايو ويو: جنهن **رمضان شريف** ۾ 10 ڏينهن جو اعتڪاف ڪيو، اهو ائين آهي جڻ ان 2 حج ۽ 2 عمرا ڪيا.[3]

## اجتماعي اعتڪاف جي ترغيب

**پيارا اسلامي ڀائرو!** اَلْحَمْدُلِلّٰه! عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ دعوتِ اسلامي سڄي دنيا ۾ نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ ۾ مصروف آهي، فيضانِ رمضان حاصل ڪرڻ، گناهن کان بچڻ ۽ نيڪ نمازي بڻجڻ لاءِ عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول سان وابستہ ٿي وڃو. اَلْحَمْدُلِلّٰه! دعوتِ اسلامي جي تحت سڄي دنيا ۾ هزارين جاين تي اجتماعي اعتڪاف بہ ڪرايو ويندو آهي، توهان بہ پورو **رمضان شريف** يا گھٽ ۾ گھٽ آخري ڏهاڪي جي اجتماعي اعتڪاف جي نيت ڪري وٺو! اِنْ شَآءَاللّٰهُ الْكَرِيم! **رمضان شريف** ۾ گناهن کان بچڻ، نيڪيون ڪرڻ، نفلي عبادتن جو شوق وڌڻ سان گڏوگڏ تمام گھڻو علمِ دين سکڻ جو موقعو پڻ ملندو. اچو تہ ! ترغيب جي لاءِ اجتماعي اعتڪاف جي هڪ مدني بهار پڙهون:

---

[1]... بخاری،کتاب الاعتکاف،باب الا عتکاف فی الشوال ، صفحہ:533،حديث:2041 ـ

[2]...جَامِع صغير، صفحہ:516، حديث:8480ـ

[3]...جَامِع صغير، صفحہ:516، حديث:8479ـ

# بُزرگن کي ياد رکو!

پيارا اسلامي ڀائرو! رمضان شريف ڪيئي بُزرگن جي به ياد ڏياري ٿو. مثلاً ۞ 3 تاريخ تي شهزاديءِ ڪونين، اُمُّ السّادات، حضرتِ سيده، طيبه، طاهره، عابده، زاهده، خاتونِ جنت، اُمُّ الحسنين فاطمةُ الزهرا رَضِیَ اللہُ عَنْہا جو يومِ وصال آهي- اَلْحَمْدُلِلّٰہ! پاڻ وڏي شان وارين آهن، پياري آقا صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کين پنهنجي جگر جو ٽڪڙو فرمايو.[1] ۽ سندن تمام گهڻا فضائل بيان فرمايا آهن.

| | | | |
|---|---|---|---|
| دُخترِ مصطفٰے | سیدہ فاطمہ! | زوجۂ مرتضٰی | سیدہ فاطمہ! |
| صالحہ، پارسا | سیدہ فاطمہ! | طیبہ طاہرہ | سیدہ فاطمہ! |
| عابِدہ، زاہِدہ | سیدہ فاطمہ! | صابِرَہ، شاکِرَہ | سیدہ فاطمہ! |

۞ اهڙي طرح 3 رمضان المبارڪ تي مشهور مفسرِ قرآن، مفتي احمد يار خان نعيمي رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ جو به عرسِ پاڪ ٿيندو آهي.۞ 29 شعبان تي مرحوم نگرانِ شوريٰ حاجي مشتاق رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ جو وصال جو ڏينهن آهي. ۞ 10 رمضان المبارڪ تي مسلمانن جي پياري اَمي جان، حضرت خديجة الڪبريٰ رَضِیَ اللہُ عَنْہا جو وصال آهي. ۞ 17 رمضان المبارڪ تي سيده عائشہ صديقہ رَضِیَ اللہُ عَنْہا جو وصال ٿيو. ۞ 19 رمضان المبارڪ تي پياري آقا صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي شهزادي حضرت رقيہ رَضِیَ اللہُ عَنْہا جو وصال ٿيو. ۞ 21 رمضان المبارڪ تي مسلمانن جي چوٿين خليفه، مولاءِ ڪائنات، حضرت علي المرتضيٰ شيرِ خدا رَضِیَ اللہُ عَنْہ جو وصال ٿيو. پياري آقا صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو: مَنْ كُنْتُ مَوْلَاهُ فَعَلِيٌّ مَوْلَاهُ جنهن جو مان مولا (يعني محبوب ۽ مددگار) آهيان، ته پوءِ هي علي به ان جو مولا (يعني محبوب ۽ مددگار) آهن.

| | | | |
|---|---|---|---|
| عاشِقِ مصطفٰے | مرتضٰی! مرتضٰی! | سیّدُالْاَوْلیا | مرتضٰی! مرتضٰی! |
| بالیقیں دِلیر ہیں | مرتضٰی! مرتضٰی! | اپنے رَبّ کے شیر ہیں | مرتضٰی! مرتضٰی! |

[1]... بخاری، کتاب:النکاح، صفحہ:1344، حدیث:5230۔

مطلب تہ رمضان المبارڪ ۾ ڪيترن ئي بزرگن جا عرس ٿيندا آهن، تنهنڪري ڪوشش ڪيو تہ انهن سيني بزرگن جا ڏينهن ملهايو! انهن جي وصال جي ڏينهن تي گهرن، دڪانن تي ايصالِ ثواب جو اهتمام ڪريو! قرآن خواني ڪرايو!

جيڪڏهن الله پاڪ توفيق عطا فرمائي تہ انهن ڏينهن ۾ غريبن، مسڪينن کي افطار ڪرايو! اهو بہ ٿي سگهي ٿو تہ هر روز افطار وقت هڪ دفعو سوره فاتحہ، ٽي دفعا سوره اخلاص پڙهي سيني بزرگن ۽ نيڪ ماڻهن کي ايصالِ ثواب ڪري ڇڏجي. اِنْ شَآءَاللهُ الْكَرِيْم! نيڪين جو ثواب بہ وڌي ويندو ۽ جيڪڏهن الله پاڪ چاهيو تہ انهن بزرگن جي نظرِ عنايت بہ نصيب ٿي ويندي. الله پاڪ اسان سيني کي عمل جي توفيق نصيب فرمائي. اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## عطيات جي ترغيب

پيارا اسلامي ڀائرو! توهان جي پنهنجي ديني تحريڪ دعوتِ اسلامي، هن وقت 80 کان وڌيڪ شعبن ۾ دين جي خدمت ڪرڻ ۾ مشغول آهي. اَلْحَمْدُلِلّٰه!

۞ ڪنزالمدارس بورڊ جي نالي سان دعوتِ اسلامي جو پنهنجو تعليمي بورڊ آهي. ۞ تقريباً 16 هزار 500 کان وڌيڪ جامعات و مدارس المدينہ (بوائز ۽ گرلز) قائم آهن، جن ۾ حفظ و ناظره، عالِم ڪورس (درسِ نظامي)، مختلف تخصصات *(Specialization)*، فرائض علوم ڪورسز ڪرايا ويندا آهن ۞ جامعات و مدارس المدينہ (بوائز ۽ گرلز) جي طلبا جو تعداد 5 لک 30 هزار کان وڌيڪ آهي. ۞ وڏي عمر جي اسلامي ڀائرن ۽ ڀينرن کي قرآنِ ڪريم جي تعليم ڏيڻ لاءِ هن وقت تائين تقريباً 74 هزار 887 مدارس المدينہ بالغان و بالغات قائم ڪيا ويا آهن، جن ۾ پڙهندڙن جو تعداد تقريباً 4 لک 26 هزار کان وڌيڪ آهي. ۞ فيضان آن لائن اڪيڊمي جي ذريعي تقريباً 24 هزار طلبا و طالبات ديني تعليم حاصل ڪري رهيا آهن. ۞ هن وقت تائين تقريباً 21 دارالافتاء اهلسنت قائم ڪيا ويا آهن، جن ۾ شرعي رهنمائين جو تعداد هر ماهہ اوسطاً 20 هزار آهي. ۞ المدينة العلميہ (اسلامڪ ريسرچ سينٽر) *(Islamic Research Center)* جي ذريعي ديني لٽريچر تي تحقيقي ڪم ڪيو ويندو آهي، اَلْحَمْدُلِلّٰه! هن شعبي تحت هن وقت تائين 1784

**ڪتابن ۽ رسالن** تي ڪم تي چڪو آهي. هن شعبي ۾ ڪيترائي مدني عالِمَ سگهڙ ذمي دار خدمت انجام ڏئي رهيا آهن، الله پاڪ جي ڪرم سان دعوتِ اسلامي انهن مدني عالمن کي باقاعدھ پگهارون ڏيندي آهي. ۞ ديني لٽريچر جي اشاعت لاءِ دعوتِ اسلامي پنهنجو اشاعتي ادارو **مڪتبة المدينہ** قائم ڪيو آهي، جتي بهترين ۽ خوبصورت انداز ۾ ڪتابن جي اشاعت ڪئي ويندي آهي، تقسيم رسائل (يعني مختلف ڪتابَ ۽ رسالا مفت ۾ ورهائڻ) جو سلسلو بہ جاري آهي ۽ ڪتاب وڪرو بہ ڪيا ويندا آهن ۞ سڄي دنيا ۾ ديني ڪمن جي ڌوم مچائڻ لاءِ دعوتِ اسلاميءَ جو مڪمل تنظيمي سيٽ اپ موجود آهي، ذيلي حلقي کان وٺي مرڪزي مجلسِ شوريٰ تائين پورو هڪ نظام قائم آهي، شهر شهر، ڳوٺ ڳوٺ ۾ ذمّيدارَ موجود آهن. ۞ عاشقانِ رسول جي تربيت ڪري انهن کي ديني ڪم ڪرڻ لاءِ ملڪ اندر ۽ ٻاهرين ملڪن ڏانهن موڪليو ويندو آهي، انهن کي باقاعده پگهارون ڏنيون وينديون آهن ۽ اهي فارغ البال (يعني ڪمائڻ کان بي پرواھ) تي دين جي خدمت ڪندا آهن. ۞ ميڊيا جي مختلف پليٽ فارمز تي بہ خدمتِ دين جو سلسلو جاري آهي، ۞ پرنٽ ميڊيا (۾ ڪيترن ئي ڪتابن ۽ رسالن سان گڏوگڏ ماهوار فيضانِ مدينہ، جي اشاعت جو سلسلو بہ جاري آهي جيڪو هن وقت دنيا جي7 وڏين ٻولين ۾ شايع ٿيندڙ ڪثيرالاشاعت ماهوار رسالو آهي) ۞ سوشل ميڊيا (جهڙوڪ يوٽيوب *(Youtube)*، فيس بُڪ *(Facebook)*، انسٽاگرام *(Instagram)* وغيرھ) تي تقريباً 100 اڪائونٽ موجود آهن، جن تي تقريباً **50 ملين** *(Million)* يعني 5 ڪروڙ فالورز آهن، جڏهن تہ ويوز *(Views)* جو تعداد بلينز *(Billions)* يعني **100** ڪروڙ کان بہ وڌيڪ تي چڪو آهي. ۞ ان کان علاوه مدني چينل اردو، انگريزي، بنگالي ٻولين ۾، ڪِڊز مدني چينل، ٻزرگن جو مدني چينل ۽ عربي ويب چينل ذريعي دينِ اسلام جي خدمت ڪئي پئي وڃي ۞ آءِ ٽي جي شعبي طرفان هن وقت تائين 32 موبائل ايپلي ڪيشن ۽ 40 اسلامي ويب سائيٽس لانچ ڪيون ويون آهن ۞ سموري دنيا جي مسلمانن جي خير خواهي لاءِ ايف جي آر ايف *(FGRF)* جو شعبو قائم ڪيو ويو آهي، جنهن جي تحت هن وقت تائين: ۞ 34 **لک** 16 **هزار** 673 کان وڌيڪ وڻ پوکيا ويا آهن ۞ تقريباً 76 **لک** 82 **هزار** 958 ماڻهن جي مدد ڪئي وئي آهي ۞ 5 **هزار** 566 گهر تعمير ڪيا ويا آهن ۞ 75 **هزار** 721 خون جون بوتلون عطيو

ڪيون ويون آهن ۞ هيلٿ ڪيئر سينٽر ۾ هن وقت تائين 61 هزار 667 ڪان وڌيڪ مريض علاج لاءِ اچي چڪا آهن.

توهان بہ خدمتِ دين جي هن نيڪ ڪم ۾ پنهنجو حصو شامل ڪيو! پنهنجا عطيات دعوتِ اسلامي کي ڏيو، توهان جا عطيات يعني چندو ڪنهن بہ نيڪ، جائز، ديني، اصلاحي، فلاحي، روحاني، خير خواهي، ڀلائي ۽ آمدني وڌائڻ جي جائز ۽ محفوظ ڪم ۾ لڳائي سگهجي ٿو تہ جيئن وڏنڊڙ خرچن کي پورو ڪري سگهجي.

دعوتِ اسلامی کی قیُّوم، سارے جہاں میں مچ جائے دُھوم

اس پہ فِدا ہو بچہ بچہ یا اللہ! مری جھولی بھر دے

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## 12 ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم: هڪ ڏينهن راهِ خدا ۾

پيارا اسلامي ڀائرو! دِل ۾ الله ۽ رسول جي محبت وڌائڻ، ايمان ۽ يقين کي پختو ڪرڻ ۽ دين ۽ دنيا جون ڀلايون حاصل ڪرڻ لاءِ عاشقان رسول جي ديني تحريڪ دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول سان وابستہ ٿي وڃو! 12 ديني ڪمن ۾ ڀرپور حصو وٺو اِنْ شَآءَ اللّٰہُ الْکَرِیْم! تمام گهڻيون برڪتون حاصل ٿينديون. 12 ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم: هڪ ڏينهن راهِ خدا ۾ بہ آهي.

دورِ حاضر جي عظيم علمي ۽ روحاني شخصيت، اميرِ اهلِ سنت مولانا محمد الياس عطاري قادري دَامَتْ بَرَکَاتُهُمُ الْعَالِيَه اسان کي هي مقصد ڏنو آهي تہ: مون کي پنهنجي ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش ڪرڻي آهي. اِنْ شَآءَ اللّٰہُ الْکَرِیْم! دعوتِ اسلامي جا عاشقانِ رسول هن مقصد جي تڪميل لاءِ مختلف ڳوٺن، شهرن ۽ ڀرپاسي وارن اهڙن علائقن جتي ديني ڪم ڪمزور آهي ۾ وڃي نيڪي جي دعوت عام ڪندا آهن. ۞ ڪنهن بہ ڏينهن خاص طور تي جمعي يا آچر جي ڏينهن اسلامي ڀائر انهن علائقن ۾ ويندا آهن ۞ اتي مسجد ۾ نفلي اعتڪاف ڪيو ويندو آهي ۞ نيڪي جي دعوت عام ڪئي ويندي آهي ۞ توهان بہ ايندا ڪريو، اِنْ شَآءَ اللّٰہُ الْکَرِیْم! ۞علمِ دين سکڻ جو موقعو ملندو ۞ نيڪي جي دعوت ڏيڻ جو ثواب نصيب ٿيندو ۞ راهِ خدا ۾ نڪرڻ جي سعادت حاصل ٿيندي

۞حديث پاڪ جو خلاصو آهي: جيڪي پير راهِ خدا ۾ مٽيءَ سان ڀرجي وڃن، انهن کي جهنّم جي باهه نه ڇهندي [1] ۞ جيڪو شخص الله پاڪ جي رضا خاطر پنهنجي مسلمان ڀائرن وٽ شهر جي مضافات ۾ وڃي، حديث پاڪ ۾ ان لاءِ جنت جي بشارت آئي آهي.[2] اچو ته ترغيب لاءِ توهان کي هڪ مدني بهار ٻڌايان ٿو.

## اسان ته بس دعوتِ اسلامي جائي ٿي وياسين

هڪ اسلامي ڀاءُ جو چوڻ آهي ته دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول سان وابسته ٿيڻ کان پهريان مان عام نوجوانن وانگر غفلت واري زندگي بسر ڪري رهيو هئس، منهنجي قسمت جو ستارو هينئن چمڪيو، جو هڪ ڏينهن اسان جي علائقي ۾ ڪجهه اسلامي ڀائر هڪ ڏينهن راهِ خدا ۾گذارڻ جي لاءِ آيا، انهن مان هڪ اسلامي ڀاءُ مون کي هن ديني ڪم ۾ شامل ٿيڻ جي دعوت ڏني، تنهنڪري مان به پنهنجن ڪجهه دوستن کي ساڻ ڪري انهن سان شامل ٿي ويس، واپس وڃڻ مهل، هڪ اسلامي ڀاءُ هفتيوار اجتماع ۾ شريڪ ٿيڻ جي دعوت ڏني، اسان عرض ڪيو، جيڪڏهن ياد رهيو ته، اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! ضرور شرڪت ڪنداسين. بهرحال اسان اجتماع ۾ شرڪت ڪئي، اتي ان ئي اسلامي ڀاءُ سان ملاقات ٿي جنهن اسان کي اجتماع جي دعوت ڏني هئي، هو ايڏو اخلاق سان پيش آيو جو اسان ته بس دعوتِ اسلامي جا ئي ٿي وياسين، منهنجو ته جڻ زندگي گذارڻ جو انداز ئي بدلجي ويو، نمازن جي پابندي نصيب ٿي وئي،ڳانن جي جاءِ تي نعت شريف ٻڌڻ لڳس، چهري تي ڏاڙهي ۽ مٿي تي عمامو سجائي ڇڏيو ائين دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول سان وابسته ٿي ويس.

عطائے حبیبِ خدا دینی ماحول
ہے فَیضانِ غوث ورضا دینی ماحول
تُو داڑھی بڑھالے عِمامہ سجالے
نہیں ہے یہ ہر گز بُرا دینی ماحول

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد

[1]... مسند امام احمد،جلد:6، صفحه:507، حديث:16356۔
[2]... معجم اوسط،جلد:1، صفحه:472، حديث:1743۔

# صراط الجنان ايپلي ڪيشن جو تعارف

اي عاشقانِ رسول! اَلْحَمْدُلِلّٰه! دعوتِ اسلامي اسان کي جديد ٽيڪنالاجي ذريعي بہ علمِ دين سکڻ ۽ نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ جا موقعا فراهم ڪري رهي آهي- دعوتِ اسلامي جي آءِ ٽي ڊپارٽمينٽ طرفان هڪ موبائل ايپلي ڪيشن جاري ڪئي وئي آهي، جنهن جو نالو آهي *(Sirat ul Jinan Quran & Tafsir)* (صراطُ الجنان قرآن اينڊ تفسير) هن ايپلي ڪيشن ۾ ۞ مڪمل قرآنِ پاڪ ۞ اعلىٰ حضرت، امامِ اهلِ سنت، شاهه امام احمد رضا خان رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه جو لکيل ترجمو ڪنزُالايمان ۞ آسان ترجمو، ترجمو ڪنزالعرفان ۞ آسان انداز ۾ لکيل تفسير **صراطُ الجنان** شامل آهي ۞ قرآن پاڪ، ترجمو ۽ تفسير آڊيو ۾ بہ ٻڌي سگهو ٿا ۞ روزانو تلاوت ڪيون ويندڙ سورتن کي الڳ ترتيب سان جمع ڪيو ويو آهي ۞ مدني چينل تي هلڻ وارا تفسيرِ قرآن ۽ مختلف قرآني پروگرام پڻ هن ايپ ذريعي آسانيءَ سان ڏسي سگهو ٿا ۞ وڌيڪ هي تہ قرآني آيتون، ترجمو ۽ تفسير واٽس ايپ *(WhatsApp)* فيس بُڪ *(Facebook)* وغيره تي پنهنجن دوستن ۽ رشتيدارن سان شيئر بہ ڪري سگهو ٿا. هن ايپلي ڪيشن کي پنهنجي موبائل ۾ انسٽال ڪري ڇڏيو پاڻ بہ علمِ دين سکو ۽ ٻين تائين پهچائي نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ جو ثواب بہ حاصل ڪريو.

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

# ڪجھ ضروري اعلان

۞ هر ڇنڇر تي امير اهلِ سنت دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَه مدني چينل تي لائيو هفتيوار مدني مذاڪرو فرمائيندا آهن، ايندڙ ڇنڇر تي بہ مدني چينل تي رات (نماز تراويح کان پوءِ اِنۡ شَآءَ اللّٰهُ الۡكَرِيۡم! هفتيوار مدني مذاڪرو ٿيندو، (**رمضان شريف** ۾ روزانو عصر جي نماز ۽ تراويح جي نمازڪان بعد مسلسل مدني مذاڪرن جو سلسلو ٿيندو رهندو) جنهن ۾ اميرِ اهلِ سنت مولانا محمد الياس عطار قادري دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَه

سوالن جا جواب بہ عنايت فرمائيندا. تمام ذميداران ۽ عاشقانِ رسول پاڻ بہ ان مدني مذاڪري ۾ شرڪت ڪن ۽ ٻين کي بہ ان جي دعوت ڏين. ۞ شيخِ طريقت، اميرِ اهلِ سنت هر هفتي هڪ ديني رسالو پڙهڻ جي ترغيب ڏيندا آهن- ايندڙ هفتي جي مدني مذاڪري ۾ **فيضانِ حضرت بي بي فاطمہ** رَضِیَ اللہُ عَنۡھا رسالي جو اعلان ڪيو ويندو. هي رسالو پاڻ بہ پڙهو، ٻين کي بہ ترغيب ڏياريو ۽ جيڪي سوشل ميڊيا مثلاً واٽس ايپ وغيره استعمال ڪندا آهن، رضاءِ الٰهي ۽ ثواب لاءِ هي رسالو ٻين سان بہ شيئر *(Share)* ڪيو!

۞ مڪتبةُ المدينہ پيش ڪري رهيو آهي مرحوم نگران مرڪزي مجلسِ شُوريٰ، ثنا خوانِ رسول، مبلغ دعوتِ اسلامي حاجي مشتاق عطاري جي سِيرت تي مشتمل هڪ نهايَت ئي پيارو رسالو "عطّار جو پيارو".

قيمت : صرف 32 روپيا

اڄ ئي مڪتبةُ المدينہ جي ڪنهن بہ شاخ تان هيءُ رسالو حاصل ڪيو، پاڻ بہ مطالعي ڪيو ۽ ٻين کي بہ دعوت ڏيو!

صَلُّوا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! بيان کي اختتام طرف آڻيندي سنت جي فضيلت ۽ زندگي جا ڪجھ آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪريان ٿو. پياري آقا صَلَّی اللہُ عَلَیۡهِ وَ آلِهٖ وَ سَلَّم فرمايو: مَنۡ اَحَبَّ سُنَّتِیۡ فَقَدۡ اَحَبَّنِیۡ وَمَنۡ اَحَبَّنِیۡ کَانَ مَعِیَ فِی الۡجَنَّةِ جنهن منهنجي سنت سان محبت ڪئي، ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي، اهو جنت ۾ مون سان گڏ هوندو. [1]

سینہ تیری سُنّت کا مدینہ بنے آقا! | جنت میں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

## گهٽ کائڻ سنّت آهي

فرمانِ آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّی اللہُ عَلَیۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: جڏهن ٻانهو پنهنجي ڪاڌي ۾ گهٽتائي ڪندو آهي تہ ان جو سينو نور سان ڀريو ويندو آهي. [2]

---

[1]...مشکوٰة،کتابُ:الْاِیمان،بابُ:الْاِعْتصَام، جلد:1، صفحہ:55، حديث:175ـ

[2] جامع صغير، صفحہ:35،حديث:469ـ

اي عاشقانِ رسول! گهٽ کائڻ سنّت آهي اسان جا پيارا آقا، مديني وارا مصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جيستائين دنيا ۾ تشريف فرما رهيا، ڪڏهن به لاڳيتو 2 راتيون پيٽ ڀري نه ڪاڌائون پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم بک جي سبب پيٽ تي پٿر ٻڌندا هئا.

## ڪاڌي جي مقدار جي باري ۾ احڪام:

بُکَ رکي ڪري کائڻ سنّت آهي. جيتري بُک آهي، اوترو کائي وٺڻ مباح آهي (يعني ان ۾ نه گناهه نه ثواب). پيٽ ڀري ڪري اوترو کائڻ جو پيٽ خراب ٿيڻ جو گمان هجي، حرام آهي. پيٽ ڀري اوترو کائڻ جو پيٽ خراب ٿيڻ جو انديشو نه هجي مڪروهه آهي. غذا ۾ ايتري گهٽتائي ڪري ڇڏڻ جو فرائض جي ادائيگي ۾ خلل اچي، ناجائز آهي.[1]

مختلف سنتون سکڻ لاءِ مڪتبة المدينه جي **بهارِ شريعت جلد : 3**، حصو: 16 ۽ اميرِ اهلِ سنت، حضرت مولانا محمد الياس عطار قادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جو 91 صفحن تي مشتمل ڪتاب **550 سنتون ۽ آداب** خريد ڪريو ۽ پڙهو، سنتن سکڻ جو هڪ بهترين ذريعو دعوتِ اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ سنتن ڀرپور سفر ڪرڻ به آهي.

اُلفتِ مصطفٰے اور خوفِ خدا | چاہئے گر تمہیں قافلے میں چلو
گر مدینے کا غم چاہئے چشمِ نم | لینے یہ نعمتیں قافلے میں چلو (2)

الله پاڪ عمل جي توفيق عطا فرمائي. آمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اِجتِماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

[1] بهارِ شَرِيْعت، حصہ:16، جلد:3، صفحہ:374ملخصًا ۔

[2]…وسائل بخشش، صفحہ:669۔

## ﴿1﴾ جمعه جي رات جو دُرُود

اَللّٰھُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِ نِ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ الْحَبِيْبِ الْعَالِى الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعہ ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت بہ ايستائين هو ڏسندو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن.[1]

## ﴿2﴾ سمورا گُناه مُعاف

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَمَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سَيِّدُنا انس رَضِىَ اللّٰهُ عَنْه کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينه صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تو ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناهہ معاف ڪيا ويندا. [2]

## ﴿3﴾ رَحمت جا سَتر دروازا

صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّدٍ

جيڪو هي دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن.[3]

## ﴿4﴾ ڇهہ لک دُرُود شريفن جو ثواب

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِىْ عِلْمِ اللّٰهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰهِ

---

[1] افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون، ص151ملخصًا

[2] افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الحادية عشرة، ص 65

[3] … القول البديع، الباب الثانی، ص277

حضرت اَحمد صاوِي رَحمَةُ اللهِ عَلَيه کِن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا هن دُرُود شريف کي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهه لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي.(1)

## ﴿5﴾ قُربِ مُصطفي ﷺ

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَ تَرْضٰى لَهٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو ته حُضُورِ اَنور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کيس پنهنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهيءَ تي صَحابَہ ڪرام رَضِيَ اللهُ عَنْهُم کي تَعَجُّب ٿيو ته اهڙي مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو ته سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: هو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي ته هيئن پڙهندو آهي. (2)

## ﴿6﴾ دُرُود شَفَاعت

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

شافع امم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمان معظم آهي : جيڪو شخص هي درود پاڪ پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي. (3)

## ﴿7﴾ هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَى اللهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا هُوَ اَهْلُهٗ

حضرتِ سَيِّدُنا ابنِ عباس رَضِيَ اللهُ عَنْهُمَا کان رِوايت آهي ته سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءِ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن. (4)

---

1... افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الثانية والخمسون، ص149

2... القول البديع، الباب الاول، ص3125

3... الترغيب والترهيب، ج 2، ص 329، حديث 31

4... مجمع الزوائد،كتاب الادعية،باب فى كيفية الصلاة...الخ،254/10،حديث:17305

# ﴿2﴾ جڻ شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ، سُبْحٰنَ اللهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَ رَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْم

(خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، اللّٰه پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن هن دُعا کي ٽي ڀيرا پڙهيو جڻ ان شبِ قدر کي حاصلَ ڪري ورتو. (1)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

[1]... ابنِ عساڪر ج 19، ص 155، حديث 4455